مئين تان گهڙولي پرندي هان (سچل سرمست رحہ)

# سچل سرمست رح جي گهڙولي



تحقيق ۽ ترتيب

**حزب الله آءِ سومرو**

باني چيئرمين علم دوست ادبي سنگت سنڌ

ميمبر سچل يادگار ڪميٽي خيرپور

ڊجيٽل ايڊيشن:

2020ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**



## حضرت سچل سرمست فاروقي رحہ

تحقيق: حزب الله آءِ سومرو

حافظ عبدالوهاب ولد ميان صلاح الدين ولد خواجہ محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو فاروقي، دارازا خيرپور ۾ 1170ھ مطابق 1756ع ۾ ڄائو جڏهن تہ 1152ھ مطابق 1739ع وارو ٻڌايل سندس ولادت جو سنہ صحيح نہ آهي اهو فقط 1165ھ ۾ وفات ڪندڙ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سان ملاقات لاءِ ڪيو ويو جڏهن تہ فاروقين جي خانداني شجري، جيڪو سچل چيئر، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ محفوظ آهي ان ۾ سچل سرمست جي ولادت 1170ھ لکيل آهي. سندن والد ميان صلاح الدين جي وفات 1158ھ ۾ ٻڌائي ويندي آهي. جڏهن تہ اهو سنہ 1200ھ آهي ڇو تہ ڪجهہ سال اڳ سندن قبر تي اهڙو ڪتبو لڳل هو. پر هن وقت ٽٽي چڪو آهي. حضرت عمر فاروق رضہ جي اولاد مان هئا جنهن تي فخر سان چيائين تہ ”شڪر اولاد عمر دي ها“، ميان عبدالوهاب جا استاد حافظ عبدالله قريشي ۽ ميان عبدالحق فاروقي هئا، ميان عبدالحق فاروقي سندن استاد چاچو، مرشد ۽ سهرو هو. ميان عبدالوهاب شاعريءَ ۾ سچل، سچو، سچي ڏنو، آشڪار ۽ خدائي تخلص ڪم آندا آهن ۽ سچل سرمست جي نالي سان مشهور آهي. ڪين ستن زبانن سنڌي، سرائيڪي، پنجابي، اردو، هندي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ مهارت رکڻ سبب ”شاعر هفت زبان“ چيو ويندو آهي. سندن فارسي نظم جي ڪتابن ۾ ديوان آشڪار، ديوان خدائي، ساقي نامہ، مثنوي تارنامہ، مثنوي رازنامہ، مثنوي گداز نامہ، مثنوي عشق نامہ، مثنوي درد نامہ، مثنوي رهبر نامہ، مثنوي وصلت نامہ، مسدس وحدت نامہ، گهڙولي ۽ غزل بحر طويل آهن. سندن سنڌي ڪلام جو رسالو ۽ سرائيڪي ڪلام جو رسالو پڻ آهن جن ۾ آغا صوفي، عثمان علي انصاري، نماڻو فقير ۽ مولوي محمد صادق راڻيپوريءَ جا رسالا مشهور آهن. سچل سرمست بيت، ڪبت، وائي، ڪافي، سہ حرفي، غزل، مستزاد فرد، قطعا، مثنوي، مرثيو، گهڙوليءَ ۽ جهولڻو جي صنفن ۾ شاعري ڪئي. سندن دور ۾ حاڪم مير سهراب خان ۽ مير رستم خان ٽالپر هئا. پاڻ مريد نہ ڪندا هئا پر جن ماڻهن بابت ٻڌايو وڃي ٿو تہ ڪائن فيض ورتائون تن ۾ فقير نانڪ يوسف، فقير محمد صالح قادري، فقير محمد صلاح پيو، فقير گهرام جتوئي، فقير شير خان پنيرو، جانو فقير شڪارپوري، سيد خير شاهہ، سيد پير شاهہ، سيد حسن شاهہ، سيد حيدر شاهہ، فقير محمد صديق، فقير عثمان چاڪي، فقير شير علي ۽ فقير محمد يعقوب شامل آهن. سندن حلئي ۽ لباس بابت معلوم ٿئي ٿو تہ قد وچولو، رنگ صاف، پيشاني ڪليل، ڊگهي اوچي ڏاڙهي، وار ڊگها، مٿي تي سائي رنگ جو تاج پڳ پائيندا هئا ۽ بدن تي اڇو چولو پائيندا هئا. حضرت سچل سرمست جن قرآن پاڪ جا حافظ هئا ۽ چوندا هئا تہ ”حڪم شريعت برسر ڪرڻا، ٻاهر قدم نہ هڪو ڌرڻا، تابع تنين امردي هان“ ڌرتي تي هيٺ سمهندا هئا. سادو ڪائيندا هئا ۽ سادو پائيندا هئا ۽ نشي کان پري هئا. سندن شاعريءَ ۾ جوش ۽ ولولو آهي ڇو تہ انگريز سامراج خلاف عوام کي اڀارڻو هو جن سندن وفات کان سورهن سال پوءِ سنڌ تي قبضو ڪيو. علماء ڪرام ۽ صحيح مرشدن جو وڏن احترام هو پر وڄهي ملن ۽ پيرن خلاف تعليم ڏنائون. هندو مسلم جي سياسي اتحاد جا علمبردار ٿي اڀريا. جڏهن تہ سندن وفات کان ايڪهٺ سال پوءِ 1888ع ۾ هندو مسلم جو سياسي اتحاد ڪانگريس جي پليٽ فارم تي نهيو. سچل گدائي ۽ غلاميءَ خلاف هو. پاڻ، پاڻ سڃاڻڻ ذريعي انسان کي شاهہ، بادشاهہ ۽ مالڪ ڏسڻ پئي چاهيائون، پاڻ اناالحق ۽ رب جبار چوڻ ذريعي ماڻهن ۾ خدائي صفتون پيدا ڪرڻ چاهيائون. سندن شاعريءَ ۾ الله، رسول، چئن يارن سڳورن، پنجتن تنن ۽ پيران پير جي مدح ٿيل آهي. قادري طريقي جا صوفي باصفا هئا. فرقي بازيءَ جي بلڪل خلاف هئا.

سندن وفات 14 رمضان 1242ھ آهي عيسوي سنہ جي حساب سان 11 اپريل 1827ع هيو. ان طرح عمر 1170ھ کان 1242ھ تائين 72 سال هئي جنهن ڪري نوي سالن جي عمر واري روايت صحيح نہ آهي. سندن مقبرو مير رستم خان ٽالپر جوڙايو هو.



Gul Hayat Institute

## ”پيش پريان“



سچل سرمست جي گهڙولي ٻڌندو هوس تہ اهي بند ڳوليندو هوس تہ ان ۾ چئن يارن سڳورن جي ساراهہ ۾ چيل بند ڪٿي آهن؟ جيڪي مختلف ڪتابن ۾ لکيل آهن. سچل جا رسالا ڳوليم پر معلوم ۽ محسوس ٿيو تہ اها مصلحت ۽ تعصب خاطر شامل نہ ڪئي وئي آهي. پوءِ جڳ مشهور عالم علامہ علي شير حيدري رحہ جي صلاح تي ان جي ترتيب ڏيڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪيم. آخر وڏي جدوجهد بعد سچل چيئر مان هڪ قلمي بياض مان ان جو هڪ نسخو هٿ ڪيم. جنهن جي چاڻ سچل ادبي ڪانفرنس ۾ اديبن ڪي علم دوست ادبي سنگت پاران ادبي اخبار ڪوڪ جاري ڪري ان جي شماري (1) ڊسمبر 2001ع ذريعي ڏنم. پوءِ ٻيا نسخا هٿ ڪري معياري گهڙولي مرتب ڪيم ۽ ماهوار السند اسلام آباد ۾ اپريل _ سيپٽمبر 2006ع ۾ ڇپايم. پوءِ گهڙولي بابت سچل ادبي ڪانفرنسين ۾ ٻہ مقالا ”سچل سرمست جي گهڙولي ڪلام لاءِ اديبن جا تجزيا (سرمست 2015/36) ۽ ”سچل سائينءَ جي گهڙولي (سرمست 2016/37) پڙهي عوام آڏو سچل سرمست جي گهڙولي پيش ڪيم. هن وقت مختلف نسخن جي عڪسن سان وڏو ڪتاب ”سچل سرمست رحہ فاروقي جي گهڙولي“ تيار آهي پر ان کان اڳ هي جامع نموني گهڙولي شرح سميت پيش خدمت آهي. اميد تہ پڙهندڙ فائدو وٺندا. استاد صيف الله سومرو، خادم حسين بنگلاڻي ۽ سندن دوستن جي همت افزائي جي مهرباني_ پنهنجي تجويزن کان آگاهہ ڪندا.

**حزب الله آءِ سومرو**
خيرپور
0300-3290626



## گهڙولي ۽ ان جو تعارف

**گهڙولي ڇا آهي؟** گهڙولي بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ ”هن ۾ عورت جي زباني محبوب جي خدمت جو جذبو ظاهر ڪيل هوندو آهي. آزي نيزاري ڏيکاريل هوندي آهي. هن صنف ۾ خدمت جي اظهار لاءِ وراڻي طور ”گهڙولي پرڻ“ ضروري ايندو آهي. (سرمست 1997 _ ص 48)

ان جو مطلب تہ گهڙوليءَ تي نالو ”گهڙا (ڍلا) پرڻ“ واري اصطلاح تان پيو آهي جنهن جو مطلب آهي خدمت ڪرڻ.

**گهڙولي اول اول ڪنهن لکي؟** ان بابت ناميارو ليکڪ مختيار ملڪ لکي ٿو تہ ”گهڙولي سچل سائينءَ سڀ کان اڳ گهڙي ۽ ان کان پوءِ ڪيترن ئي شاعرن ان کي پنهنجي اظهار جو وسيلو بڻايو (سرمست 1985/5 ص 88 )

**گهڙوليءَ ۾ ڪيترا بندا آهن؟** مولوي عبداللطيف سڪندري لکيو آهي تہ ”تازو منهنجي نظر مان ڪجهہ قلمي مواد نڪتو آهي جنهن ۾ درگاهہ درازا شريف بابت اهم مواد بہ هو جيڪو هيٺ ڏجي ٿو. محترم ممتاز احمد سومرو روهڙي واري معرفت هڪ ڪتاب نالي ”خدائي بندي عرف محبت نامہ“ ڏنم...... ان ڪتاب ۾ خاص ڳالهہ هي هئي جو حضرت سچل سرمست جون 78 ڪافيون ۽ گهڙوليءَ جا 36 مصرعن سان ۽ حضرت سچل سرمست جا 83 ڏوهيڙا لکيل هئس. (سرمست 1997/7ع ص 129)

**گهڙوليءَ جو انداز ڇا آهي؟** محمد پنهل ڏهر لکي ٿو تہ: ”عورت پنهنجي محبوب کي عاجزي ۽ انڪساري سان چوي ٿي تہ اي محبوب مان تنهنجي ٻانهي آهيان ۽ تنهنجي ئي در جو يعني تنهنجي گهر لاءِ پاڻي پريندي آهيان.

(سرمست 2010/31ع ص 45)

**گهڙوليءَ جا موضوع ڇا آهن؟** گهڙوليءَ جو مطالعو ڪبو تہ ان ۾ سچل سرمست رحہ پنهنجا مذهبي نظريات پيش ڪيا آهن. هن ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ هو سلسلہ قادريہ سان تعلق رکي ٿو، جنهن جو اڳواڻ سيد عبدالقادر جيلاني رحہ آهي. هو خلفاء راشدين کي ساراهي ٿو ڪين مسلمانن جا امام قرار ڏئي ٿو. هن ۾ هو بيبي امِ ڪلثوم بنت علي رضہ جو حضرت عمر فاروق رضہ سان



Gul Hayat Institute

شاديءَ جو ذڪر ڪري سندن قرب ٻڌائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ پنجن تنن وٽ ماڻهو قابل قبول تڏهن ٿيندو جڏهن چئن يارن کي مڃيندو ڇو تہ پنج تن ميوو آهن تہ چار يار انهن جو گل آهن. هو چئن يارن سان ساڙ رکندڙ رافضين ۽ خارجين کان بيزار آهي. چوي ٿو اهي بي ايمان آهن ڪين دائمي حفظ قرآن نصيب نہ ٿيندو، نہ ولي ٿي سگهندا. گلا ڪرڻ سبب نيڪين کان مفلس ۽ ڪردار جي حوالي کان بدڪردار هوندا. جيڪي صحابہ ڪرام تي تبرو ڪن ٿا تن تي خدا جي لعنت آهي ۽ شريعت ۾ چار فقہ مسلم آهن.

**معياري گهڙولي؟** هتي سچل چيئر ۾ رکيل قلمي گهڙولي کي بنياد بڻائيندي ٻين نسخن کي نظر ۾ رکندي معياري گهڙولي ترتيب ڏني وئي آهي، ڇو تہ ان جي سلسلي ۾ معنيٰ مطلب جي درست صورت ۽ وزن بحر جو خيال ذهن ۾ هو. الحمدللہ 36 بند ئي نسخن مان ڪنيل آهن ڪوبہ اهڙو بند نہ آهي جيڪو ٻاهران هجي. پڙهندڙن بہ ان ۾ موجود آهن البتہ ڪن جاين تي واضح لکت جون غلطيون هيون سي درست ڪيون اٿم تہ جملا درست ٿي پيا مثلاً: علمن (علم)، ڪمين (ڪمي)، فڪر (فقر)، گم (غم)، عرب يا عربو (اربع)، ڪول (قول)، علا (الا)، سر طريقت (سہ طريقت)، هر بند پويان ان نسخي جو نشان ڏنو ويو آهي. اهي نسخا مون وٽ آهن.

▲ = فقير عبدالغفور جي ڳايل گهڙولي

★ = سچل چيئر ۾ محفوظ بياض واري گهڙولي

■ = قاضي علي اڪبر درازيءَ جي حوالي کان حافظ نثار احمد ڪٻر جي ڳايل گهڙولي ڪيسٽ.

★★ = ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب سچل جو پيغام 1998ع ص 101 تان ڪنيل گهڙولي.

• = غلام حسين فقير پير جو ڳوٺ جي بياض تان ورتل گهڙولي.

• ★= مولوي عبداللطيف سڪندري وٽان گهڙولي مليل بحوالہ خدائي بندي.



## مئن يار دي گهڙولي پرندي هان

هڪ اللہ ڪنون مئن ڏرندي ها
هڪ موليٰ ڪنون مين ڏرندي ها ▲

(1)

پير پيران حضرت ميران،
نانوَ ڳڏي جنهن، ٽُٽن زنجيران،
مرشد ڪامل ڪرندي هان. ★

(2)

نوح نبي دي ٻيڙي آئي،
جنهن وچ حضرت محب خدائي،
صدق تنهين تي چڙهندي هان. ■

(3)

ابوبڪر، شاهہ عمر، عثمان،
علي پاڪ امام مسلمان،
شاهہ عرب دي بردي هان. ★

(4)

اِنَّ اللہَ يَنۡطِقُ عَليٰ لِسَانِ عُمَر،
شب معراج دي، نال پيغمبر،
شڪر اولاد عمر دي هان. ★★

(5)

بعد نبي دي، نبي جي هوندا،
قول نبي دي، عمر هوندا،
فرق نہ ڪوئي ڪرندي هان. ★★

Gul Hayat Institute

(6)

انا صديق، انا فاروق،
قول علي دا جگرم فاروق،
بات اها سچ ڪرندي هان. ■

(7)

هَي داماد علي دا عمر،
ام ڪلثوم بيبي دا شوهر،
اها ساک سچي مين پرندي ها. ■

(8)

پيش پنجان دي تڏهن پئي هان،
چوان دا جڏهن امر مني هان،
نال سفارش دَي چڙهندي هان. ★★

(9)

پنج تن درخت ميوه حقيقي،
اربع برگان قول رفيقي،
شاخ تنهن شجر دي هان. ★

(10)

پهلي ڪم هٿئون ياران دي ٿيوي،
پِڇي اسکون حضرت منگيوي،
وزيران ٻاجهہ، نہ وڙندي هان. ★•

(11)

ياران کون جو نهين منيندا،
مفلس تي مفعول رهيندا،
ترڪ تنهان ڪون ڪرندي هان. •



(12)

رافض حافظ ڪڏان نہ ٿيوي،
نا ولي الله مرتي جيوي،
رکندي ذوق زهر دي هان. •

(13)

رافض خارج هر دو حرامي،
بي ايمان مردود ملامي،
ڪرندي بات خبر دي هان. ★

(14)

لعنت تنهن، جو ڪردا تبرا،
صحابان تئون هوندا مبرا،
خاڪ چوان دي در دي هان. ★

(15)

حسن حسين علي دا ڄايا
بار اُمت دا سر تي چايا
ٻانهي شاهہ حيدر دي هان. ★

(16)

نا مئن شيعہ، نا مئن سني
صوفي صاف برهہ دي مني،
باندي عشق افسر دي هان. ★

(17)

شاهہ عبيدالله جيلاني
بخش ڪيتا حق سلطاني
چم دراز شهر دي هان. ★★



Gul Hayat Institute

(18)

شان اسان ڏا، وچ سلسلي دي،
ابو سعيد فاروق اڪمل دي،
قرة العين رهبر دي هان. ★★

(19)

مرشد شاهه دراز دي گولي،
حق الحق پڙهائي ٻولي،
بحر برهه وچ ترندي هان. ★

(20)

حڪم شريعت بر سِر ڪرڻا،
ٻاهر قدم نہ هڪو ڌرڻا،
تابع تنهين امر دي هان. ★

(21)

چارئي مصلي وچ شمار هن،
احسن ايمان خوش ڪردار هن،
راهه شبير شبر دي هان. •

(22)

جنت نال ربي دي توبہ وچ درگاهه خدائي،
دم نہ هڪ ڪرڻ جدائي،
هر دم رب ڪون ڏرندي هان. ★

(23)

جنت نال ربي دي رهڻا،
دوزخ نال انهين دي ٻهڻا،
سام سچي سرور دي هان. ★



(24)

ڪيتا نور، الله دي تجلا،
تن من سارا عشق اجلا،
همه شمس قمر دي هان. •

(25)

لوڪان ليکي غير خدائي،
دم اسان ڏا ڪوئي نہ جدائي،
پاڪ پناهه پرور دي هان. •

(26)

صورت الله دي، دل وچ جاڻي،
و في انفسڪم صحيح سڃاڻي
محو ذاتي وچ مرندي هان. •

(27)

علم ظاهر هستي هووڻ،
لدني باب الف دل ڌووڻ،
دم قدم غم گهرندي هان. ★

(28)

ڪل علم ليس يُنجي،
الا المعرفة، باب حق شيخي،
محو والي وچ دڙندي هان. ★

(29)

بازي عشق دي بازي سر دي،
بت والي ڪل لهن نہ سر دي،
سر تلي تي ڌرندي ها. •



Gul Hayat Institute

(30)

بدعت عيب تي هِجو نہ آڻي
رب ستار دا صبر سجاڻي،
چيلي كل بشر دي هان. ★

(31)

هر سہ طريقت صاحب صادر
قادر پير هي هر تي قادر
طالب فيض فقر دي هان. •

(32)

نال الله دي هر دم هووڻ،
حسن حسين دي غم وچ رووڻ،
سوز تنهين وچ سڙندي هان. ★

(33)

اي جڳ، او جڳ ٻئي وسارا،
علي ولي دا قرب قرارا،
ڏيان الف دل ڏرندي هان. ■

(34)

ويل ديدار اڄوكي هيئي،
ويكيم يارُ، كمي ٻي كيهي،
حمد دمادم پڙهندي هان. •

(35)

سر تي سينهون، هٿ گهڙولي،
محكم خيال دي دم كڙولي،
جام قدح كوثر دي هان. ★★

(36)

سچل سارا نور الاهي،
حضرت پير دي هي همراهي
هر دم رب رب كرندي هان. ★★



## ڏكين لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب

- گهڙولي: گهڙي پرڻ وقت كلام چوڻ
- پير پيران: حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني
- تبرا: گهٽ وڌ ڳالهائڻ، لعنت كرڻ.
- مبرا: بيزار
- رافض: حضرات ابوبكررضہ، عمر رضہ ۽ عثمان رضہ سان ساڙ ركندڙ.
- خارچ: حضرت علي رضہ ۽ حضرت امير معاويہ رضہ جي ٿاهہ سبب ساڻن ساڙ ركندڙ.
- ملامي: ملامت جوڳا
- مدامي: هميشہ
- برهہ: عشق
- مُني: بنياد، اهم شئي.
- باندي: ٻانهي، قيدياڻي، تابع
- درخت: وڻ
- اربع: چار يار (ابوبكر، عمر، عثمان، علي رضوان الله عنهم)
- قول رفيقي: ساٿي گل (صحابي)
- حق سلطاني: مريد كرڻ، فيض ڏيڻ.
- بحر: درياءُ
- تابع: حكم مڃيندڙ
- امر: حكم
- لدني باب: خدائي علم جو دروازو
- كل علم ليس ينجي الا المعرفة: كوبہ علم ڇوٽكارو نٿو ڏياري معرفت كان سواءِ
- شيخي: منهنجو مرشد
- محو: گم ، مشغول
- بدعت: دين ۾ نئين شيءِ داخل كرڻ.
- چيلي/ چيري: غلام، ٻانهي
- سہ طريقت: ٽي تصوف جا طريقا سهروردي نقشبندي چشتي
- صاحب صادر: حكم كندڙ
- فقر: فقيري
- فكر: سوچ ويچار
- الف: الله

Gul Hayat Institute

- وفي انفسكم: اوهان جي وجود ۾ آهي (الله)
- ان الله ينطق عليٰ لسان عمر: بيشڪ عمر الله جي رضا مطابق ڳالهائي ٿو يا عمر جي زبان حق ٻولي ٿي.
- قول: ارشاد
- قرة العين/ قرة عيني: اکين جو نار
- همسر: هڪ جهڙي
- جامع قدح: وڏو پيالو
- ڪوثر: جنت جو خاص پاڻي
- مفعول: بد ڪردار
- مفلس: سچو ( نيڪين ڪان)
- چار مصلا: حنفي، حنبلي، شافعي ۽ مالڪي
- شبر: حضرت حسن رضہ
- شبير: حضرت حسين رضہ
- احسن ايمان: سهڻا ايمان
- خوش ڪردار: سهڻو ڪردار
- هجو: ٽوڪ، نندا
- ساک: قسم
- اناصديق: مان چڻ ابوبڪر صديق رضہ آهيان
- انا فاروق: مان چڻ عمر فاروق رضہ آهيان
- جگرم: منهنجو جگر، پيارو
- ياران: صحابہ ڪرام رضہ
- مرشد ڪامل: شريعت لاءِ رهبري ڪندڙ
- شجر: وڻ، نسب
- صوفي: ڪردار جي حوالي کان پاڪ صاف رهندڙ
- زنجيران: زنجير (گناهن جا)
- حضرت پير: سيد عبدالقادر جيلاني
- قادر پير: سيد عبدالقادر جيلاني
- قادر: حڪم وارو، سين دلين کي سيد عبدالقادر جيلاني جو حڪم هلي ٿو يعني سڀ ولي ان جو حڪم مڃين ٿا.
- همراهي: ساٿ، حمايت
- گولي: ٻانهي
- ملاحي: ٻيڙي هلائيندڙ
- بنت: ڌيءَ
- نوش: پيئڻ
- شوهر: مڙس
- داماد : نياڻو



## مطلب ۽ شرح

تلهہ: سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو: مان پنهنجي محبوب جي گهڙولي پريان ٿو يعني ان جي تابعداري ڪريان ٿو. ۽ مان هڪڙي الله کان ئي ڊڄان ٿو. مون کي ڪنهن جي پرواهہ نہ آهي.

(1) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو: جڏهن مون تي شيطاني طاقتون حملا ڪن ٿيون تہ مان پنهنجي مرشد ڪامل جي تعليمات تي هلندو آهيان تہ سڀ شيطاني حربا ختم ٿي وڃن ٿا.

(2) سچل سرمست رحہ شريعت کي نوح جي ٻيڙي قرار ڏئي چيو آهي تہ شريعت کان سواءِ نجات نہ آهي، ان ٻيڙيءَ ۾ محبوبِ خداصہ آهي يعني ان جي سنت آهي ان ڪري مان شريعت تي عمل ڪريان ٿو.

(3) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو: حضرت ابوبڪر صديق رضہ، حضرت عمر فاروق رضہ، حضرت عثمان رضہ، حضرت علي المرتضي مسلمانن جا امام آهن ۽ اسان اصل ۾ محمد عربي صہ جا غلام آهيون.

(4) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو: حضرت عمر رضہ جون ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون هيون جن کي خدائي وحي جي تائيد ملي ۽ معراج جي سفر ۾ حضرت عمر رضہ جا تذڪرا ٿيا. مثلاً جنت ۾ حضرت عمر رضہ جي محلات ڏسڻ گويا هو شب معراج نبي پاڪ سان گڏ هو ۽ سچل سرمست رحہ اهڙي شخصيت جي نسبي اولاد هجڻ تي فخر ۽ شڪر ڪري ٿو. هونءَ بہ اسان اهل اسلام حضرت عمر رضہ جي روحاني اولاد آهيون ان تي اسان کي خدا جو شڪر ڪرڻ کپي.

(5) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ اگر نبوت ختم نہ ٿي ها تہ

Gul Hayat Institute

حضرت عمر رضہ نبي ٿئي ها جو ان ۾ نبوت جون خوبيون موجود هيون، اها ڳالهہ حديث ( لو كان نبيا لكان عمر) ۾ آيو آهي ان لاءِ حديث بہ قرآن وانگر آهي. اسان ٻنهي کي هڪ سمجهون ٿا ڇو تہ ٻئي وحي آهن ۽ نبي پاڪ صہ کان مليا آهن.

(6) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ حضرت علي رضہ موجب ابوبڪر صديق رضہ ۽ عمر فاروق رضہ کي ائين سمجهو جيئن مون کي سمجهو ٿا ڇو تہ عمر رضہ منهنجو جگر آهي. سچل سرمست رحہ چوي ٿو اهو سچ مان ٻڌائيندو رهندس.

(7) سچل سرمست رحہ اصحابن سڳورن جي پاڻ ۾ پياري رشتيدارين جو ذڪر ڪندي ٻڌايو آهي تہ حضرت علي رضہ کي بيبي فاطمہ رضہ مان نياڻي بيبي اُمِ ڪلثوم رضہ هئي، ان جي شادي حضرت عمر فاروق رضہ سان ٿي، حضرت سچل سرمست رحہ پنهنجي مطالعي جي بنياد تي چئي ٿو تہ اها ڳالهہ ايتري تہ پڪي ۽ سچي آهي جو قسم کڻان ٿو.

(8) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ آءٌ پنجن تنن وٽ تڏهن مقبول ٿي سگهان ٿو جڏهن چئن يارن جو حڪم مڃيندس ۽ انهن جي سفارش سان ئي پنجن تنن ڏانهن وڃي سگهندس.

(9) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ پنج تن اسلام جي وڻ جا ميوا ۽ چار يار گل آهن. ظاهر آهي تہ گل نہ ٿيندا تہ ميوا ڪٿان ٿيندا؟ يعني ڪو ماڻهو پنجن تنن کي نٿو مڃي سگهي جيستائين چئن يارن سڳورن کي نہ مڃيندو. سچل سرمست رحہ شڪر ڪري ٿو تہ اسان ان اسلام سان تعلق رکون ٿا جنهن ۾ پنجن تنن کي بہ مڃيو ويندو آهي تہ چئن يارن کي بہ مڃيو ويندو آهي.

(10) سچل سرمست رحہ چوي ٿو تہ دين جو ڪم جيئن تہ نبي پاڪ صہ کان نقل ڪري صحابہ ڪرام امت تائين پهچايو آهي ان ڪري نبي پاڪ



صہ کي بہ اهو ڪم قبول آهي جيڪو صحابہ جي ذريعي نبي پاڪ صہ تائين پهتل آهي. سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ آءٌ تہ نبي پاڪ صہ جي وزيرن جي پيار کان سواءِ اڳتي وڌندس ئي ڪونہ.

(11) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ جيڪو نبي پاڪ جي سنگتين کي نہ ٿو مڃي اهو تبرا ۽ گلا ڪرڻ سبب نيڪين کان مفلس يا سڃو ٿيندو، اهو مفعول يا بدڪردار رهندو. سچل سرمست چوي ٿو تہ اهو ئي سبب آهي جو انهن بدڪارن جي سنگت کي مان ڇڏيان ٿو.

(12) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ صحابہ سان بغض رکندڙ، مستقل طور ڪڏهن بہ حافظ رهي نٿو سگهي ڇو تہ وٽن حفظ قرآن جو مستقل سبب (تراويح) نہ آهي، نہ وري اهو خدا جو ولي يا دوست ٿي سگهي ٿو پلي اهو جيئرو هجي يا مئل ڇو تہ ان کي نبي پاڪ جي جماعت سان ساڙ آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو مون وٽ اهڙن لاءِ زهريلا يا موتمار خيال آهن.

(13) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو رافضي (حضرت ابوبڪر صديق رضہ حضرت عمر فاروق رضہ، حضرت عثمان غني رضہ سان بغض رکندڙ) ۽ خارجي (حضرت علي رضہ المرتضيٰ سان ساڙ رکندڙ) ٻئي حرامي يعني بدمعاش آهن. اهي ٻئي قسم ماڻهو بي ايمان آهن. انهن جا ڪيل نيڪ عمل رد ڪيا ويندا ۽ قيامت ۾ بہ انهن تي ملامت ٿيندي اهڙي خبر مان بہ ڏيان ٿو جيڪا مون تائين مطالعي يا مشاهدي جي آڌار تي پهتي آهي.

(14) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ جيڪي ماڻهو صحابہ ڪرام تي تبرا يعني لعنتون ملامتون ڪن ٿا تن تي منهنجي لعنت آهي ڇو تہ اهي صحابہ ڪرام يعني نبي پاڪ جي ساٿين کان بيزار آهن، جڏهن تہ مان چئن يارن سڳورن جي در جي خاڪ آهيان.

Gul Hayat Institute

(15) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ حضرت امام حسن رضہ ۽ حضرت امام حسين رضہ، حضرت علي رضہ جي اولاد آهن يعني ان شخصيت جي اولاد آهن جنهن حق تي جان ڏني، حضرت حسن رضہ امت مسلمہ جو اتحاد ڪرايو ۽ حضرت حسين رضہ ملوڪيت خلاف آواز بلند ڪيو تہ نظام مصطفيٰ جي حقيقي تصوير خلفاء راشدين واري بحال ڪريو ان امت مسلمہ جي حوالي ڪان ٻن اهم ڪمن جو بار ڪنيائين ۽ مان تہ آهيان ئي حضرت علي رضہ جو غلام ان جي نقشِ قدم تي هلڻ وارو.

(16) سچل سرمست رحہ فرقي بازي ڪان انڪار ڪندي چوي ٿو تہ مان نہ شيعو آهيان نہ سُني. مان تہ رب جو عاشق آهيان مان تہ صوفي آهيان. مان ان عشق جي راهہ جو راهي آهيان جيڪو فرقي بازي ڪان پري هوندو آهي. ان جو مطلب اهو بہ ڪونهي تہ سچل ڪو سنت نبوي يا شريعت ڪان باغي آهي چو تہ ان جو اظهار ٻين شعرن مان ٿئي ٿو.

(17) سچل سرمست رحہ پنهنجي قادري سلسلي ۾ ميان صاحبڏني جي مرشد شاهہ عبيدالله جيلاني جي باري ۾ ٻڌايو آهي تہ شاهہ عبيدالله جيلانيءَ ڪان ئي اسان ڪي هي فيض مليو آهي، جڏهن تہ مان دراز وندير جي شهر ۾ پيدا ٿيو آهيان يعني اتي سندن وڏي ڪي مرشد شاهہ عبيدالله جيلاني اچي فيض رسايو هو.

(18) سچل سرمست رحہ پنهنجي وڏي ڏاڏي ابو سعيد فاروقيءَ موسيجي واري جو ذڪر ڪيو آهي تہ هو هڪ ڪامل مرشد هو اهو ئي اسان جي اکين جو ٺار هو يعني اسان جو وڏو ڏاڏو ڏاڍو نيڪ هو جو اسان جي خاندان تي ان جو اثر اڃا بہ نمايان آهي. اهو ئي اسان جي خاندان مان هو. جيڪو پهريون صاحبِ تصوف ٿيو.

(19) سچل سرمست رحہ ان بعد پنهنجي چاچي، سهري ۽ مرشد



عبدالحق جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ مون ڪي حق سچ جي ٻولي ان ئي سيکاري آهي ۽ مان جيڪو عشق الاهيءَ جي سمنڊ ۾ تران ٿو سو سندس تربيت ڪري ئي آهي.

(20) سچل سرمست رحہ چوي ٿو تہ هر حالت ۾ شريعت جي پابندي ڪرڻي آهي ۽ ڀلي سالڪ ڪهڙي مرتبي يا درجي ۾ هجي پر شريعت ڪان هڪ قدم ٻاهر نہ رکڻو آهي، مان بہ خدا جي ان حڪم جو پابند آهيان تہ شريعت جي تابعداري ڪرڻي آهي.

(21) سچل سرمست رحہ فقہ اسلاميءَ جي چئن ئي طريقن ڪي شريعت جو ترجمان سڏي ٿو تہ انهن مان جيڪو اختيار ڪبو تہ اهو اسلام تي عمل سمجهيو ويندو ۽ اها ئي راهہ حضرت حسن رضہ ۽ حضرت حسين رضہ جي آهي. ياد رهي تہ سعودي حڪومت ڪان اڳ ڪعبة الله جي چئني طرفن ڪان حنفي، حنبلي، شافعي ۽ مالڪي فقهن جا مصلا رکيا هوندا هئا. مختلف وقتن تي هر نماز چارئي امام پڙهائيندا هئا.

(22) سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ خدا ڪان جدائي نہ ڪرڻ گهرجي ۽ خدا جي حضور ڪان ڪڏهن جدائي ڪرڻ نہ گهرجي يعني جو دم غافل سو دم ڪافر. اهو ئي سبب آهي جو مان هر وقت خدا ڪان ڊڄندڙ آهيان.

(23) سچل سرمست رحہ چوي ٿو تہ جنت جهڙي سکي زندگي ملي تہ بہ رب ڪان غافل نہ رهڻ گهرجي يا جهنم جهڙيون ڏکيون حالتون ملن تڏهن بہ پنهنجي رب جو در نہ ڇڏڻ گهرجي چو تہ اسان تہ محمد مصطفيٰ صہ جا غلام آهيون.

(24) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ خدا تعاليٰ جي نور (هدايت) منهنجي دل ۽ دماغ ڪي روشن ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان سراج منيرا يعني سچ چنڊ (محمد مصطفيٰ صہ) جو ئي آهيان.



Gul Hayat Institute

(25) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ ماڻھو تہ ائين ٿا سمجھن تہ اسان خدا کان جدا ڪو وجود رکون ٿا حالانڪہ اسان تہ خدا ۾ گم آهيون ۽ اسان کي ڪنهن جي پرواهہ ئي نہ آهي جو تہ اسان ان پرور جي پناهہ ۾ آهيون.

(26) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو تہ الله تعاليٰ جو تصور اسان جي دل ۾ وينل آهي اسان تہ رب ۾ گم ٿي ختم ٿيل آهيون.

(27) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو ظاهري علم ماڻھوءَ ۾ هستي ۽ وڏائي پيدا ڪري ٿو پر خدائي علم الف (خدا) جو عشق ماڻھوءَ جي دل کي ڪفر ۽ شرڪ کان ڌوئي ڇڏي ٿو ۽ هر وقت انهيءَ سوز جو سبق منهنجي وات آهي.

(28) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو: دنيا جو هر علم نجات جو سبب نہ ٿو بڻجي جيستائين اهو خدائي معرفت سان نٿو جڙي، مرشد اها ئي ڳالهہ سمجهائي آهي.

(29) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو عشق خدا سر جي بازي لڳرائي ٿو. جن کي جسم آهي عشق خدا ۾ انهن کي پنهنجي جسم جي ئي خبر نہ پوندي آهي تہ اهي ڪو آهن. ان ڪري اسان تہ سر تري تي ڪٽي عشق خدا ۾ گھمي رهيا آهيون تہ پلي ڪو وني ختم ڪري.

(30) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو اسان نہ بدعت (شريعت جي برخلاف ڪو ڪم) ٿا ڪريون نہ وري ڪنهن جي عيب جوئي ڪريون ٿا. جو تہ جڏهن الله پردو ڪندڙ ٻانهن جي خامين، غلطين تي صبر ڪري ٿو تہ اسان ڪير ٿيندا آهيون جو ٻي صبري ڪندي ماڻهن جي عيب جوئي ڪريون. خدا جي بندن سان ان تعلق کي



ڏسي اسان هر ماڻھوءَ جا نوڪر خادم آهيون.

(31) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو طريقت جا ٽئي طريقا (سهروردي، نقشبندي ۽ چشتي) برحق آهن پر قادري طريقو انهن کان مٿي آهي ۽ حضرت عبدالقادر جيلانيءَ رحہ جي فيض وارو پير ٻين مٿان آهي يعني سندس طريقو افضل طريقہ طريقت آهي ۽ آءٌ ان طريقي جو هڪ فقير آهيان.

(32) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو دنيا ۽ آخرت کي عشق خدا ۾ وساري وينو آهيان يعني دنيا جي هوش کان پري آهيان پر خدا جي اطاعت بہ جنت جي لالچ سبب نہ پيو ڪريان پر عشق خداونديءَ ۾ ڪريان پيو. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري آهي جو خدا جي دوست حضرت علي رضہ سان طريقت ۾ قرب (تعلق) حاصل اٿم. ان سلسلي ۾ الف (الله) جي عشق ۾ گم آهيان.

(33) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو مون کي عشق ۾ پنهنجي محبوب (خدا) جو ديدار ٿيو آهي اهو ئي مون لاءِ ڪافي آهي ٻيو مون کي ڇا گھرجي؟ مان تہ خدا جا حمد هر دم ڳايان پيو.

(34) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو منهنجي مٿي تي شريعت جو سينهو (پابندي) آهي ۽ هٿ ۾ گھڙولي (حڪم جي تابعداري) آهي ۽ مان حوض ڪوثر جي جام جو طلبگار آهيان.

(35) حضرت سچل سرمست رحہ فرمائي ٿو اي سچل هر پاسي خدائي قدرت جا نظارا لڳا پيا آهن مون کي خدا جي معرفت (سڃاڻ) ۾ پنهنجي پيرِ طريقت جي حمايت (فيض) حاصل آهي ان ڪري هر وقت منهنجي زبان تي رب رب جو ورد جاري آهي.

Gul Hayat Institute

- از قلم: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## هڪ ڪامياب ڪوشش

سچل سائين جي ڪلام ڪي عوامي سطح تي گهڻو ڳايو ويو آهي، ۽ پڻ بگاڙيو ويو آهي، ڪي سندس ڪافيون جيڪي صحيح صورت ۾ ڇپيل آهن، سي بہ زباني روايتي رنگ ۾ لفظن جي اڳ پوءِ جي ڦير گهير سان ڳائجن ٿيون. ڪن موضوعن تي ڇپيل سندس ڪلام ۾ گهڻي گهٽ وڌائي ٿي آهي جنهن جو مثال مشهور نغمو گهڙولي آهي.

- سچل جون سرائيڪي ۾ چيل ڪي ڪافيون نهايت دلپذير آهن. انهن ڪان سواءِ سندس سجايل ٻن نغمن مون ڪي ڪافي متوجہ ۽ متاثر ڪيو آهي، هڪ گهڙولي ۽ ٻيو عاشق ڪي قتل ۽ ڪالعدم ڪرڻ وارو معشوقن جو متفقہ نهراءُ جنهن ۾ جدت سان گڏ مزاجي معنويت سمايل آهي. گهڙولي نغمي ۾ سڪ ۽ صداقت سان گڏ حقيقي معنويت وارو جلوه نمايان آهي.
- گذريل وڏي عرصي ڪان جڏهن بہ مون اهي نغما مختلف محفلين ۾ جدا جدا فقيرن ڪان گهٽ وڌ ڳائيندي ٻڌا آهن، تہ ائين محسوس پئي ڪيو آهي تہ جيڪر تحقيق ڪجي تہ گهڙولي سچل سائين اصل ۾ ڪيئن چئي ۽ جيئن ڇپائين تيئن ڳائجي.
- سچل سائين جي ڪلام جي ڪن گوشن، صنفن تي وڌيڪ تحقيق ۽ ڪافي گنجائش موجود آهي، ان جي پورائي پڻ ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ جو سچل جي ڪلام جا ڪي آڳاٽا هٿ آيل نسخا ڪن شائقن وٽ موجود آهن، جن ڪي پيٽي صحيح متن قائم ڪري سگهجي ٿو.
- ان ڏس ۾ محترم حزب الله سومري وڏي خدمت ڪئي آهي: جو گهڙولي نغمي جون مختلف پڙهٽيون، جدا جدا ماخذن مان وڏي محنت سان ڳولي هٿ ڪيائين ۽ انهن ڪي توري تڪي پيٽي هن دلپذير نغمي جو وڌيڪ صحيح متن قائم ڪيو اٿائين، هي ڪوشش، سچل سائين جي ڪلام تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ راهہ روشن ڪندي.

خادم العلم

**نبي بخش**

پهرئين مئي 2005ع

(سڄڻ ڪي ساريوم _ مرتب محمد راشد بلوچ 2017ع ص 117,116 )



سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



Gul Hayat Institute